# نارا ڪينال جا آبادگار ڌيان ڏين

نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ جي پڇڙين ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پاڻي چوري ڪندڙن ۽ پابندي باوجود ساريون پوکيندڙن خلاف 25 مئي کان باضابطہ آپريشن رٿيو ويوآهي. ان کان اڳ نارا ڪينال جي آبادگارن کي هدايت ڪجي ٿي تہ پنهنجي واٽر ڪورسن جا ٽُٽل ماڊيول ڊزائين موجب ٺهرائي سارين جو پوکيل ٻيجو پاڙ ئي ضايع ڪري ڇڏين نہ تہ ڪنهن بہ امڪاني قانوني ڪارروائي کان محفوظ رهن.

**ياد رکو**

**نارا ڪينال ۽ گهوٽڪي فيڊر ڪينال ايريا واٽر بورڊن جي حدن ۾ سارين جي پوک تي پابندي آهي، خلاف ورزي جي صورت ۾...**

1. سنڌ حڪومت جون آبپاشي، روينيو ۽ پوليس آفيسرن تي مشتمل ٽيمون ٻيجارو ۽ فصل تباهہ ڪرڻ جون مجاز هونديون.
2. جيڪڏهن واٽر ڪورس جو ماڊيول ڀڳل هوندو تہ واٽر سيل ڪرڻ سان گڏو گڏ ايف آءِ آر بہ ڪٽرائي ويندي.
3. جيڪڏهن سارين جو فصل لڪ ڇپ ۾ تيار ٿي ويو تہ 5 هزار رپيا في ايڪڙ جي حساب سان ڏنڊ ورتو ويندو.

اوهان کي ياد رکڻ کپي تہ توهان جي طرفان اضافي زمين آباد ڪرڻ لاءِ پاڻي چوري ڪرڻ سبب پڇڙي جا آبادگار پنهنجي پيٽ گذر ڪرڻ جيتري زمين بہ آباد ڪرڻ کان محروم ٿي سگهن ٿا ۽ ائين ٻئي آبادگار جو بہ حق مارجي سگهي ٿو

**پاران: سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)**

**۽ نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ**